ॐ

سنڌ جي تصوير

عرف

سنڌ جو اِتهاس



ليکڪ ۽ ڇپائيندڙ:

مورُومل چيتنداس ڏانڏا ”بيوَطن“

”برهم ڪترِي رتن“



سنڌ جي تصوير

عرف

سنڌ جو اِتهاس



ليکڪ

مورومل چيتنداس ڏاتڏا "بيوطن"

"برهم کتري رتن"

Sindh Ji Tasveer

alias

Sindh Jo Ithas

by:

Morumal Chetandas Dhandha "Bewatan"
"Braham Khatri Ratan"

Address : 65/48, Shyopur Road,
Prataap Nagar, Sanganer-Jaipur.
Ph : 0141-2790272

First Edition : 2004

Copies : 400



Printed by:
Amar Bharat Offset Press
Hathi Bhata, Ajmer
Ph : 0145-2626372

(٥٥) آسومل ڏاندومل هرڳڻ کتري ماستر - آسومل ڏاندومل هرڳڻ کتريءَ جو جنم ...
۾ پراڻن هالن ۾ ٿيو. هو سنڌي، پارسي ۽ عربيءَ جو مڪمل ڄاڻو هو. هي اِسڪول ماستر هو ۽
صوفي ويچار ڌارا جو شاعر هو ۽ ان سان گڏ هي حڪيم بہ هو. هن پنهنجي ڪافين ڪلام ۽
جو ڪتاب ”ديوان آسو“ سنہ ١٨٧٠ع ۾ شايع ڪيو. اُن بعد رسالو ”پريم غنچ“ ۽ ٻيون ڪرتيون
سنگره ۾ ظاهر ڪيائين. هي جهوڪ شريف جي صوفي شاعرن جو مُريد هو. گڏوگڏ يوگ ۽ ويدانت
جو پرچار ڪندو هو. هن جي شعر ۾ سنسڪرت ۽ عربيءَ جي ڏکين لفظن جو عجيب ميل آهي
آهي. اِنڪري هنکي نہ هندو، نہ وري مسلمان پوريءَ طرح سمجهي ٿا سگهن. هي تاريخ ١٥ فيبروري

... ۾ ڪيل آهي.

(۷) گلابداسي پنٿ- گلابداسي پنٿ جو پايو سرِي گلابداس پنجاب وارو وڌو. هنن جو متو ته ايشور کي ئي مڃڻ گهرجي. هوُ ڪنهن به ديوَ يا ديوتا کي نه مڃيندا آهن يا هئا. اِنڪري ''ايڪائي'' سڏبا هئا. هنن جو مت ويدانت تي ٻڌل هو. هوُ سائن سوڻن ۽ ڏاڳن ڦيڻن جي برخلاف هئا. سنڌ ۾ هن پنٿ جا ماڻهو رڳو ڳاڻ ڳڻيا هئا، هنن جي نمسڪار جو لفظ آهي ''جئه مهراج.''

(٣) سائين ولائتراءِ مُنشي پرتابراءِ- ولائتراءِ جو جنم مُنشي پرتابراءِ ڪراڙمل جي گهر پراڻا هالا ضلع حيدرآباد سنڌ ۾ سنه ١٨٢٥ع ۾ ٿيو. هن جا وڏا ڪامورا ۽ ميرن جا منشي هئا. جي صاحبيءَ ۾ منشي سڏائڻ ۾ فخر سمجهيو هو ۽ منشي سِر تي ڪلنگي ڏاريندا هئا. سندن لکپڙه ڪرڻ ۽ ڪاروبار سنڀالڻ جو هو. ولائتراءِ جي شادي ڪرائي ويئي ۽ کيس تپيدار جي نوڪري ملي. نوڪري ڪندي کي چوڪون ڪيائين، جن لاءِ کيس پوڳڻو پيو. ان وقت هن کي ڳيتا پڙهڻ ويراڳ لڳي ويو. وري هنکي تپيداري ملي. پر نوڪري ڪندي به ڀڳوان جو ڀڄن ڪندو رهيو. ”هٿ هاج ۾ دل دلدار ڏي“ بندگي ڪندي رچي لعل ٿي ويو. هن جون ڪيتريون ئي ڪرامتون ظاهر ٿيون. ماڻهو کيس ”سائين ولائتراءِ“ ڪري ڪوٺيندا هئا. ڪيترائي سندس شش ٿيا. جي پهرين هالن ۾ تپيدار هو، پوءِ لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. ان بعد موٽي هالن ۾ آيو. جتي روز صبح ستسنگ ڪندو هو. جتي ڪئين ماڻهو ٻڌڻ لاءِ ايندا هئا. سندس اوطاق گويا هڪ ٽڪاڻو ۽ مسافرخانو بڻجي ويندو هو، جو ٻاهران ماڻهو به چڱي انداز ۾ ايندا هئا. هن کي به پٽ هئا. هڪ نارائڻ راءِ پيو ڪيولرام. ڪنهن ڳالهه تان پٽن کان ناراض ٿي ڪن ششن سان گڏ گهران نڪري اچي پٽڻ تي پهتا. پوءِ سندس ٻارن کي خبر پيئي، سي ڪن پئنچن سان گڏجي اچي سائين جن کي منٿون ڪرڻ لڳا ته واپس گهر هلو. پر سائين جن نه ڪئي. چيائون ”بابا ڏيهه ڇڏڻ ۽ ڏيهي ڇڏڻ اهنجا آهن.“ پر اسين الوداع ڪري ٿا وڃون. ”هاڻي هالا ٿيندا پالها.“ ۽ ”قنبر ٿيندو عنبر.“ سو پڇ ته هالا ڦٽي ويا. سائين جن جي اولاد مان ڪوبه ڪونه رهيو ۽ پاڻ اچي قنبر ۾ رهيا. قنبر ۾ ويو. تاريخ ١٥ جنوري سنه ١٨٨٧ع ۾ قنبر ۾ جوتي جوت سمايا.

(٢٠٥) ماسٽر سهجرام ٿهلرام راگهاڻي - ماسٽر ٿهلرام سهجرام راگهاڻي سنہ [illegible] ۾ [illegible]
...هن سنڌي ٿ سنڌي ڊڪشنري نالي ''سهج ڪوش'' لکي تيار ڪئي، جنهن ۾ [illegible]
... پر ڇپائي ڪونہ سگهيو، سنہ ١٩٣٢ع ۾ [illegible]

(٣٢) دلپترام صوفي ''دلپت''. دلپترام سيوهڻ ۾ سنه ١٧٦٥ع ۾ ڄائو. هي سنڌي ۽ اُڙدوءَ جو سٺو ڄاڻو هو. هي قداور هو. اکيون سدائين لعل رهنديون هئس. حشمت وارو هو سهڻي ۽ شاندار هيس. عابد ۽ زاهد هو ته توڪلي به هو. روز سج لٿي ڪانپوءِ سيڌي پاڌي جا پاڻيءَ جا دِلا مٿ اونڌا ڪرائي ڇڏيندو هو ته سپاڻي جا ياڳ سپاڻي سان. هي پهريائين مير ڪامدار هو. هن جي سنت آسرداس سان ملاقات ٿي، اُنجو اهڙو اثر هن تي پيو جو مير ڪامداريءَ جي استعفا ڏياري موڪليائين. هي حاذق حڪيم به هو. پوءِ ايشوري ڀڳتيءَ ۾ ويو. دلپترام جون اکيون ڀڳت آسرداس جي اکين ۾ کُپي ويئون.

''چارئي عين ڇپي ويا، ڳجهيءَ روز ڳنا.''

پوءِ هي سيوهڻ ڇڏي حيدرآباد ۾ اچي پرسڌ صوفي سنت ڀائي آسرداس وٽ رهي چيلو ٿيو. ڀائي آسرداس به پنهنجي سخاوت ۽ دنيوي ويراڳ ڪان مشهور هو. دلپترام به س هو، هن به ساميءَ وانگي ڪيترائي بيت چيا آهن. هي ٨٣ ورهين جي ڄمار ۾ سنه ١٨٤٩ع ديولوڪ پڌاريو. دلپت جي شاعريءَ کي گڏ ڪري پروفيسر ايم.جي. لکر ۽ گدومل هرجاڻيءَ ڇپ آهي. دلپت کي هڪ نياڻي ۽ به پٽ هئا. سنڌس ٻاڻيءَ جو پستڪ ڪيشورام سپاهي ملاڻيءَ رکيل آهي. سنڌس بيت جو نمونو ڏجي ٿو:

''جن صحيح سڃاتو پاڻ کي، سي سڀ کي ڪن سلام - تنجي ديهه ايمان کي، ٿيا گولن جا به غ
سي جوڳي جفائون ڪري، رڙهي گڏيا رام - فرق ٿيا فرقن کوُن، ساڙي ڪفر اسلام
'دلپت' وڏي وڏي دل جي، ئيءَ سنڌي هام - لٿي سڀ ملام، اتون آديسين جي.''

(٨) ماستر آسورام ڏاندورام - سنت آسورام جو جنم برهم کتري ڏاندورام نک هرگڻ جي هالا پراڻا ۾ سنه ١٨٥٤ع ۾ ٿيو. هن سنڌي ورنيڪيولر فائينل اِمتحان پاس ڪري ٽيچرس ماستري ڪئي. هن نوڪري ڪندي ڳوٺ ڦڪن تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ صوفي مُرشد جي پيگتي ڪندو رهيو. شاعر ۽ حڪيم به هو. پيڇن ڪافيون سلوڪ ٺاهيندو لکندو هو ۽ يوناني حڪمت ڪندو هو. ڪن کي دوائون مفت ڏيندو هو ته ڪن کي نسخا لکي ڏيندو ٺاهيل پيڇن ڪافين وغيره جو ڪتاب لکيو ۽ نالو ڏنائينس ”ديوان آسو“ پر ڇپايائين ڪونه. ڪتاب سندس اولاد وٽ سانڍيل آهي. هي صوفي هئڻ سبب بلڙي ۽ جهوڪ شريف ويندو صوفين سنتن جي زيارت ڪري ايندو هو. جهڙوڪ شاه عنايت، شاه عبدالڪريم. هن جو پيلو هو، جو اچ ڪلهه سنت ٽيئونرام ٿوڪوئنجي ۽ مشهور آهي. آخر هي تاريخ ١٥ فيبروري ١٩٤٠ع برابر ١٨ مانگهه سنبت ١٩٩٧ وڪرمي پرلوڪ پڌاريو. سندس پوٽا ڪوٽا، اِندور، حيدرآباد ناگپور ۾ رهندا آهن ۽ سندن آکهه مان ڪي اجا هالن ۾ رهندا آهن.